*International Research Jounral of Islamic Culture & Communication*

**IRJICC**
ISSN:3007-4630 (P),3006-8304(E)

# غلام رسُول شاه ”غمناڪ“ جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو تصور

# THE CONCEPT OF RESISTANCE IN THE POETRY OF GHULAM RASOOL SHAH "GHAMNAAK"

1. ***Inayat ullah Nohrio***
*inayatullahnohri@gmail.com*

*Subject Specialist (Sindhi), Education & Literacy Department Govt of Sindh.*
*Ph.D. Scholar, University of Karachi, Karachi.*

**Vol. 04, Issue, 01, Jan-March 2026, PP:105-110**
OPEN ACCES at: www.irjicc.com

| Article History | Received | Accepted | Published |
|---|---|---|---|
| | 15-01-26 | 03-02-26 | 30-03-26 |

## Abstract

*Sindhi poetry has a tradition of incorporating a philosophy of resistance since ancient times. After the classical poets, modern poets have also given space to this thought and philosophy in their poetry.Ghulam Rasool Shah Ghamnak 1940-2022 is a beautiful poet of the Sindhi language, whose poetry has many qualities. In his poetry, Ghulam Rasool Shah calls on the world to stand up against injustice and oppression. There are many themes in Ghamnak's poetry, and resistance is one of them.He has the ability to carry the narratives of classicism and modernity at the same time. In 2012, his first collection of poetry "Wahdat Nihan Niyan" was published. The theme of Sufism is very important in his poetry. Sindhi classical characters can also be seen in his poetry. He has no shortage of characters from Suhni to Sassi. Ghamnak uses classical characters in his poetry to provide a sense of decorum to his readers. In his view, social change is possible only when those living in the society resist it. The resistance of the character of the maid is beautifully expressed in the poetry of Ghulam Rasool Shah Ghamnak.Ghamnak has also carved a unique place in modern poetry by presenting the philosophy of Sufism in a rebellious manner. While in classical poetry we read Sufism as described in terms of reformist thought, in Ghamnak's modern poetry, this Sufism is again described in a rebellious manner. Due to such modern and unique qualities, Ghulam Rasool Shah Ghamnak's position stands out from the classics to the moderns with a distinct look.This article clarifies*

CC BY

*the concept of resistance present in his poetry. In this article, we will try to understand the concept of resistance from his poems, how and in what way such a thought is expressed in his poetry.*

***KeyWords*** *Modern sindhi poetry, classical sindhi poetry, resistance, ghamnak, ghulam Rasool, modern sindhi literature, Sindhi literary history.*

قديم توڙي جديد دنيا ۾ مزاحمت جو تصور انفرادي توڙي اجتماعي طور تي رائج رهندو آيو آهي. جڏهن انسان کي مايوسيون پلئه پونديون آهن ته زندگيءَ ۽ جدوجهد ڪرڻ جون حُسناڪيون ان کي اهڙين مايوسين جي ڏبڻ مان ڪڍي جيئڻ جا نوان گس ڏسينديون آهن. ايئن ئي وري جڏهن انسان اجتماعي طرح سماج جو سوچي ٿو ته ڪيس اجا به وڌيڪ اتساهه ملي ٿو ۽ هو اونداهين کي روشنين ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. لطيف سرڪار انهيءَ ڪري ته فرمايو هو ته : ”اٿي رائو ريل، وينن تان واري وري.“ ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمت جي علامت طور ڪيترائي اسم ڳڻائي سگهجن ٿا. ادب ۾ مزاحمت جي تصور بابت ڊاڪٽر غفور ميمڻ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر‘ ۾ لکي ٿو ته :

> ”انسان هميشه فطرت جي انهن قانونن خلاف وڙهندو رهيو آهي جيڪي ڪيس نقصان پهچائين ٿا، جنگل ۾ جانور نما زندگي گذاريندي انسان کي ڪيترين ئي جنگيون ڪرڻيون پيون. ڪڏهن زلزلا ايندا هئا، ڪڏهن ٻوڏون، طوفان، بيماريون. ڪڏهن خوانخوار جانورن کان بچڻ لاءِ جتن ڪندو هو ۽ ساڳئي طرح پنهنجي خوراڪ لاءِ به هٿ پير هڻندو هو. اُها سموري پنهنجي وجود جي بقا جي جنگ هُئي. انسان جي اها مزاحمت فطرت جي نقصانڪار جُزن خلاف هُئي. زندگيءَ جي انهيءَ ارتقا ۾ سماج جي تشڪيل ٿي قانون نهيا، قدر نهيا، طبقا جڙيا ۽ انسان جي جنگ جا ڪيئي محاذ کُلي پيا.“ (1)

مزاحمت جو تصور انساني سماج ۾ تمام قديم دور کان رائج آهي. انسان جي مزاحمت جي شروعات قديم زماني کان ٿئي ٿي جنهن ۾ ڪيس پنهنجي زندگيءَ کي بچائڻ جا جتن ڪرڻا پوندا هُئا، ڪيس پنهنجي حياتيءَ کي نه رڳو مناسب ڪاڏو ڪائي جيئرو رکڻو هو پر ان کي ڪيترن ئي خوفناڪ جانورن ۽ موسم سان مقابلو ڪرڻو هو. هڪ طرح سان ايئن چئي سگهجي ٿو ته ان وقت پنهنجو پاڻ کي جيئرو رکڻ ئي وڏي ۾ وڏي مزاحمت هُئي. عبدالوحيد صديقي پنهنجي ڪتاب ’پٿر جي دور جو انسان‘ ۾ لکي ٿو ته :

> ”انسان پنهنجي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هزارها ورهين تائين محض قُل قُول تي گذارو ڪندو رهيو ۽ جهنگلي جانورن کان ڊڄندو ۽ لڪندو رهيو. ان بعد پٿر جا هٿيار ايجاد ڪري، جانورن جي شڪار تي هريو. پنجاهه هزار کن ورهين تائين سندس ڪاڌو جانورن جو گوشت ئي هو. جانورن جي شڪار لاءِ هو اڃ هتي سيان هُتي هوندو هو، يعني ته سندس زندگي ’رولو‘ هئي.“ (2)

انسان جڏهن شروعاتي دور ۾ ننڍيون ننڍيون آباديون ٺاهي رهڻ شروع ڪيو هو ته ان کي ڪيترن ئي فطري مظهرن جهڙوڪ ٻوڏ، زلزلن ۽ طوفانن سان منهن مقابل ٿيڻو پوندو هو. اهڙي ئي مزاحمت اڳتي هلي تصويري ۽ لکت واري مواد طور سامهون آئي. سنڌي ادب ۾ به لکت واري مواد طور مزاحمت جو تصور ملي ٿو. هن مقالي ۾ اسين

سائين غلام رسُول شاھ غمناڪ جيڪو ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ جو سنگم آهي تنهن جي شعر اهڙي فڪر جي پرک ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ هي فسلفو ڪهڙيءَ ريت نمايان انداز ۾ ظاهر ظهور آهي. غلام رسول شاھ غمناڪ جو هي شعر آهي تہ ؛

"عمر ساري امتحان،
هر ڏينهن آزمائش آهي.
لڪڻ چپڻ ناهي لائق،
مرد ٿي تون مردان،
هر ڏينهن آزمائش آهي." (3)

هتي سائين غلام رسول شاھ غمناڪ جي شاعريءَ ۾ اسان کي جدوجهد جو اهڙو تہ منفرد تصور ملي ٿو تہ جو انسان کي نہ صرف زندگيءَ جي سُکن سان پر ڏُکن سان بہ محبت ٿي وڃي ٿي. سڄي عمر کي امتحان جي استعاري جي طور ڪتب آڻڻ ۽ وراڻيءَ جي طور تي 'هر ڏينهن آزمائش آهي' سون تي سُهاڳي جو ڪم ڏي ٿو. ان سان گڏ غمناڪ سائين ماڻهوءَ کي حالتن اڳيان لڪي پجڻ جي بجاءِ سينو سامهون ڪري مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ سيکاري ٿو. هن جي نظر ۾ جدوجهد وسيلي ميدان ملهائڻ واري کي ئي منزل ملندي آهي هي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اهڙو نرالو پيغام آهي، جنهن مان ماڻهوءَ کي جدوجهد جي واٽ ملي ٿي. هتي غمناڪ سائين پنهنجي فڪر ۾ آزمائشن کي پليڪار ڪندي جدوجهد جو نياپو ڪٽي آيو آهي.

غمناڪ سائينءَ جو شعر جدوجهد جي عنصر سان پنهنجو پاڻ کي نروار ڪري بيٺو آهي. چوٽي آهي تہ ڏُک سُکن جي سونهن آهن، تنهن ڪري اسين سکن جي هندورن جو هيرون تڏهن ئي ماڻي سگھنداسين جڏهن اسين ڏُکن جي ڏيهہ مان پار پونداسين ۽ اهو پار پوڻ ئي اصل جدوجهد آهي. پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي سماج کي، منفي شين کي، غلط رسمن توڙي راوجن کي تبديل ڪرڻ سان گڏ مثبت تبديلي جي لاءِ جدوجهد ئي اصل جدوجهد آهي. اها جدوجهد ڪائنات ۾ موجود اڪيلي انسان جي حصي ۾ آئي آهي. جنهن جي جدوجهد کي غمناڪ سائين لاثاني سان گڏ امتحان ڪوٺيو آهي. سائين غلام رسول شاھ غمناڪ فرمائي ٿو تہ :

"مرسان مرسان ڊپ نہ چرسان، آ ڏکيو هي امتحان،
سورھ ڪو سيد چئي، مرد ڏيندو مردان،
آهي سو ئي انسان، لاثاني سڄي لوڪ ۾." (4)

هتي جدوجهد سان گڏ انسان جي لافاني هئڻ جي فڪري ڳالهہ ڪيل آهي، جنهن مان اسان کي انسان جي ان لافاني جدوجهد جو ڏس ملي ٿو. هتي انفرادي طرح انسان جي اندر جي جدوجهد بابت ڳالهہ ڪيل آهي تہ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن ڏاڍي اڳيان بيهارڻ هڪ طرح سان اهڙو امتحان آهي جيڪو تمام گهڻو ڏکيو آهي ۽ ان ڏُکي امتحان مان ڪو هڪ

ئي پار پئي سگهي ٿو، جيڪو لافاني هوندو ۽ اها خوشنصيبي حاصل ڪندو.

سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا ڪيترائي ڪردار جدوجهد جي علامت رهيا آهن، پر خاص طور تي سسئي جو ڪردار اهڙو ڪردار بڻجي چڪو آهي جو ڪيس مزاحمت جي معني ۾ ورتو ويندو آهي. ايتري قدر جو پنائي گهوٽ به سندس مزاحمت جو معترف ٿيندي پنهنجي رسالي مان سچا سارا 5 سُر سندس جدوجهد جي جواب طور پيش ڪيا. سسئي پنهنجي مقصد يعني پنهونءَ کي حاصل ڪرڻ جا جتن ڪيا. شمشير الحيدري پنهنجي ڪتاب 'سنڌي شاعريءَ جو اڀياس ۾' شاعريءَ جي اهڙي ڪارج بابت لکيو آهي ته :

"جيتريقدر شاعريءَ جو تعلق آهي، اها انسان جي بنيادي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪندڙ آهي. انسان پنهنجي سماجي حياتيءَ جي سمورن مرحلن ۾ پنهنجن بهترين مقصدن جي حاصلات خاطر، بدترين مصيبتن سان جنگ جوٽيندو رهندو آهي. شاعري ان ڪري اندروني جذبن جي اظهار سان گڏ ٻاهرين احساسن جي به اپٽار ڪري ٿي." (5)

شاهه لطيف جي سورمي سسئي به اهڙي ئي ريت پنهنجي مقصد سان پنهنجو پاڻ کي سلهاڙيو، هتي غلام رسول شاهه غمناڪ به لطيف جي انهيءَ فڪر کي اڳتي وڌائيندي پنهنجي ڪلام ۾ سسئي جي جدوجهد کي مڃتا ڏني آهي. غمناڪ سائين جي شعر کي پڙهندي اسان کي محسوس ٿئي ٿو ته سسئي خود ئي پنهنجي ڪٿا بيان ڪري پئي ته آئون پنهنجي ور لاءِ ڪهڙي جدوجهد ڪنديس ؟ غمناڪ سائين ان صورتحال کي هيئن بيان ڪيو آهي ته :

"ريءَ پُنهون جي پلُ، آهي جَل،
جيڏيون منهنجي جان لاءِ.
آريءَ جي ته عشق ۾،
آئون جهاڳينديس جبل،
جيڏيون منهنجي جان لاءِ.
هيڏو پٻ پهاڙ جو،
آ ترائي مون لا ٿَلُ.
جيڏيون منهنجي جان لاءِ." (6)

مٿين شعرن ۾ سسئي جو ڪردار جدوجهد جي طور تي هر ان وڏي شئيءَ کي معمولي سمجهي ٿو جيڪا معاشري ۾ عام تي ورتي وڃي. جبل جهاڳڻ يعني پنهنجي مقصد سان سچو رهڻ ڪنهن عام ماڻهو جي وس جي ڳالهه ناهي پر سسئي پنهنجي پنهنجي ور جي لاءِ اهو وڏو ڪم به ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي. هڪ اهڙو سفر جنهن ۾ انسان کي پنهنجي حياتيءَ تان به هٿ کڻڻو پوي ٿو، پر هتي ان سفر جون ڏکيائيون، اهنج ۽ تڪليفون انسان جي جدوجهد اڳيان ڪجهه به ناهن، ايتري قدر جو پٻ جبل به سسئي جي اڳيان ڪجهه به نه آهي. غمناڪ سائين نه صرف سسئي جي جدوجهد کي بيان ڪري ٿو پر سسئي کي جدوجهد جي به تاڪيد ڪري ٿو :

"پچ ڪر ڪا پيٽي، ويني ور نه ملي،
غلام رسول شاهه غير سان، هڏ نه گهار هيٺي،

سو ورائيندءِ سڄڻ جاء سڳ نہ کنهن سگهيٽي،
ٻانهن ڏئي ٻيٽي، سمهڻ نہ تون سيج تي.“ (7)

هتي غمناڪ سائين ٻيٽي ٻانهن ڏئي سمهڻ کي نندي ٿو، ڇو تہ لطيف سائينءَ جي بقول ’سلطاني سُهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي‘، ائين ئي سسئي کي بہ غمناڪ سائين تاڪيد ڪري ٿو تہ ويني ور يعني مڙس ملڻ مشڪل آهي، ان لاءِ ڪيس جبلن، جرجهنگن، گهٽ گهيڙن، درياهن، ندين، ريگستانن ۽ سُڃَ ۾ هلڻو آهي ۽ پنهنجي ور جي ڳولا ۾ جدوجهد ڪرڻي آهي. هي پيغام نہ صرف مزاحمت جو پيغام آهي پر ڪلاسيڪيت ۽ جديديت جو سنگم بہ آهي، جنهن جي منزل سنڌي شاعريءَ ۾ تمام گهٽي اڳتي آهي.

هڪ طرف غمناڪ سائين ڪلاسيڪي ڪردارن جي جدوجهد کي ڳائي ٿو، اتي ڪيس جديد دنيا ۾ بہ جدوجهد جي فڪر سان لڳاءُ آهي. جهڙي طرح هو پاڻ تبديلي پسند آهي اهڙي ريت هو سماج کي بہ اهڙي تبديلي طرف وٺي وڃڻ چاهي ٿو. هن جديد دؤر ۾ جدوجهد جي لاءِ ڪهڙين شين جو هجڻ ضروري آهي ؟ تنهن بابت هن جي شاعري ۾ هيئن بيان ٿيل آهي تہ :

”جذبا نہ جهونا ٿين، جاني ڪپن هر دم جوان،
نروار ٿي نسري پئو، جوهر جتن نت نت نوان.
ٿي هوشربا هلندا هلو، افضل اوچي مقصد ملو.
خادم سچا اي قوم جاء تاريخ ۾ لک نانءُ نوان.“ (8)

اها هڪ اٽل حقيقيت آهي تہ انسان پنهنجو پاڻ کان ئي هارائي سگهي ٿو، ڇو تہ ماڻهو کي ٻاهريون مشڪلاتون ايترو پيڇي پورا پورا نہ ڪنديون آهن جيترو من جون مايوسيون ان کي اندر کان ٽوڙي ڇڏينديون آهن. پر اهڙي ٽوڙ ڦوڙ جو حل اسان کي غمناڪ سائينءَ جي ڪلام ۾ ملي ٿو. سندس فڪر موجب انسان جي جذبن کي قطعي طور جهونو ناهي ٿيڻو. جيڪڏهن توهان جا جذبا جوان هوندا تہ اوهان دنيا جي هر مشڪلات کي منهن ڏئي سگهو ٿا. غلام رسول شاهہ غمناڪ انسان کي نسري پوڻ ۽ نروار ٿيڻ جي هدايت ڪندي چئي ٿو تہ توکي هوش سان هلڻو آهي ۽ ڪنهن اوچي افضل مقصد سان ملڻو آهي.

غمناڪ سائين هتي تاريخ جوڙڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، اسين جيڪڏهن دنيا جي انقلابن جي ڳالهہ ڪنداسين تہ اهي هڪ تاريخ آهن ۽ انهن انقلابن جو رونما ٿيڻ اڄ بہ وڏن تاريخي واقعن ۾ شمار ٿيندو آهي. پنهنجي شعر ۾ تاريخ ۾ نالو لکرائڻ جهڙي منفرد فڪر جو ڏس ڏيندڙ شاعر غلام رسول شاهہ غمناڪ آهي.

مطالعي سان اسين غلام رسول شاهہ غمناڪ جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪوڙ سارا مثال پيش ڪري سگهون ٿا، اهڙي ئي منفرد فڪر جو ڏس ڏيندڙ هي شعر آهي تہ :

”الائي ڪيتري تائين هتي مجبور آ رهڻو،

دنيا جو پيي روا جاري اهو دستور آ رهڻو.
غلام رسول شاهه سدا، گهڙي ساعت اها بهتر،
قبولي سر مٿي سُوري، سدا منصور آ رهڻو.“ (9)

بظاهر هن شعر ۾ ڪنهن نظام ۽ دستور جي هجڻ بابت ڳالهه ڪيل آهي پر شعر جي معني تي ويچار ڪرڻ ڪان پوءِ اسين سمجهي سگهون ٿا تہ هي شعر اسان کي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي دعوت ڏئي ٿو. هن شعر ۾ روايت پسندي ڪان بيزاري ڏيکاريل آهي ۽ هر اُها روايت پسندي جيڪا مدي خارج هوندي آهي اُها تبديلي پسندن ۽ جدوجهد پسندن لاءِ قابل قبول ناهي هوندي. هتي غمناڪ سائين بہ اهڙي جدوجهد جي ڳالهه ڪري ٿو تہ هر اها ساعت ۽ گهڙي بهتر آهي جنهن ۾ انسان پنهنجو پاڻ ۽ روايت پسندي کي تبديل ڪري ٿو.انسان جي پاڻ تبديل ٿيڻ سان ئي سماج تبديل ٿيا آهن هتي غمناڪ سائين منصور رهڻ جي تلقين ڪري سماج کي مزاحمت ۽ جدوجهد جي واٽ ڏيکاري آهي.

نتيجو:

غلام رسول شاهه غمناڪ جي شاعريءَ جي مطالعي سان ان ڳالهه جي خبر پئي ٿي تہ سندس شاعريءَ ۾ مزاحمت جو عنصر موجود آهي. هُن نہ رڳو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمت جي تصور کي چٽائيءَ سان بيان ڪيو آهي؛ پر سندس ڪلام ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ڪردارن جو بہ ذڪر ملي ٿو. غلام رسول شاهه غمناڪ ڪلاسيڪي ادب توڙي ڪردارن مان تمام گهڻو متاثر آهي ۽ انهن کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. غلام رسول شاهه غمناڪ پنهنجي شاعريءَ وسيلي مزاحمت جي تصورکي ڪلاسيڪي ڪردارن سان ڳنڍيندي ڪلاسيڪي صنفن ۾ انهن کي اظهاري ادب ۾ هڪ نئين روايت وڌي آهي.

This work is licensed under a Creative Commons Attribution 4.0 International License.

## حوالہ جات(References)

(1) ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر، ڇاپو ٻيو، اپريل 2017ع، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان، ص : 186

(2) صديقي، عبدالوحيد، پٿر جي دور جو انسان، سيف پبليڪيشن، پرنس ڪلاٿ مارڪيٽ، پرنس علي روڊ، حيدرآباد، فبروري 1967ع، ص : 77

(3) غمناڪ، غلام رسول شاهه، مجازان مٿي، سهيڙيندڙ : سيد امداد جعفري، غمناڪ حسيني فائونڊيشن، 2023ع، ص : 91

(4) ساڳيو، ص : 282

(5) الحيدري، شمشير، سنڌي شاعريءَ جو اڀياس، سيڪريٽري، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، مئي 2012ع، ص : 124

(6) غمناڪ، غلام رسول شاهه، مجازان مٿي، سهيڙيندڙ : سيد امداد جعفري، غمناڪ حسيني فائونڊيشن، 2023ع، ص : 95-94

(7) ساڳيو، ص : 386

(8) ساڳيو، ص : 103

(9) ساڳيو، ص : 121